امير اهل سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهمُ الْعَالِيه جي ڪتاب "فيضانِ نماز" جي هڪ قسط

# نماز جون برڪتون

سنڌي

- نماز سان گناهه ڌوپجندا آهن
- نماز کان فارغ ٿيندي ئي گناهه معاف
- نيڪيون لکائڻ جا فضائل
- ستر هزار ملائڪ پٺيان نماز پڙهندا آهن



شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، باني دعوتِ اسلامي، حضرت علامه مولانا ابو بلال
مُحمّد اِلياس عَطّار قادِري رَضَوي
دامت برڪاتهم العاليه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجھ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص ۴۰ دار الفکر بيروت)

طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ پيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: نماز جون برڪتون

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1444ھ فيبروري 2023ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

ڪتاب خريد ڪندڙ توجھ فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي ڪتاب ”فيضان نماز“ مان ڪنيل مضمون

# نماز جون برڪتون

ترجمو

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ترانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ:

ترانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

Email: translation@dawateislami.ne

# فهرست

نماز جون برڪتون ........................................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................................ 1
هڪ شخص ڪان جڏهن گناهه ٿيو ........................................ 1
آيت جي تفسير ........................................ 2
ننڍن گناهن جي لاءِ ڪفارو بڻجڻ واريون ڪجهه نيڪيون ............ 2
چار فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........................ 3
”ڪفاري“ مان ڇا مراد آهي؟........................................ 3
حضرت عثمان رَضِیَ اللهُ عَنْهُ وضو ڪري فرمايو ........................ 4
نماز سان گناهه ڌوپجندا آهن ........................................ 5
حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ميرو پڪي (حڪايت) .................. 5
گناهه ائين ڇڻندا آهن جيئن....... ........................ 6
پرائي وڻن جا پن ڇاڻڻ جا مسئلا ........................................ 7
نماز کان فارغ ٿيندي ئي گناهه معاف ٿي ويندا آهن ................ 7
ٻہ رڪعتون پڙهڻ سان تمام صغيره گناهه معاف ....................... 8
جيڪي گناهه ڪيا هئا نماز جي برڪت سان معاف .................... 8
حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو تذڪرو ..................... 8
شرح حديث ........................................ 9
نالوءِ ڪُنْيَت ........................................ 10
بيمثال ادبِ مصطفٰي ........................................ 10
ڪٿي بي ادبي نہ ٿي وڃي ........................................ 11

ٿانوَ مان برڪتون وٺندا ها .............................. 11
دعاءِ مصطفٰي ........................................ 12
اللّٰه! توکان هر ناپسند ڳالهه دور ڪري ........................ 12
وصالِ باڪمال ....................................... 12
مزار شريف جي برڪت ................................. 13
اخلاص سان ٻه رڪعتون پڙهڻ وارو جهنم مان آزاد .......... 13
نيڪيون لڪائڻ جا فضائل .............................. 14
چار فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........................ 14
حج ڪرڻ واري مُحرِم جهڙو ثواب ......................... 14
مولي جو دروازو کڙڪائڻ ............................... 15
مون کي غسل جي خبر ئي نه هئي ......................... 15
ستر هزار ملائڪ پويان نماز پڙهن ٿا ...................... 16
اَذان ڏئي اڪيلو نماز پڙهڻ وارو ڏنار ...................... 17
ستن آسمانن جي ملائڪن جي ڳٽپ جي برابر نيڪيون .......... 18
هر عبادت کان افضل عبادت نماز ......................... 20

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

# نماز جون برڪتون[1]

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جبرئيل (عَلَيۡهِ السَّلَام) مون کي چيو تہ الله پاڪ فرمائي ٿو: ”اي محمد! ڇا تون هن ڳالھ تي راضي ناهين تہ توهان جو اُمّتي توهان تي هڪ سلام موڪلي، مان اُن اتي ڏھ سلام موڪليان؟“ (نسائي، ص ٢٢٢، حديث:١٢٩٢)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هڪ شخص کان جڏهن گناهہ ٿيو

حضرت عبدالله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: هڪ شخص کان هڪ (صغيره گناهہ) ٿي پيو، بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيائين، ان تي (سيپاري 12، سورت هود جي آيت نمبر 114) نازل ٿي:

وَ اَقِمِ الصَّلٰوةَ طَرَفَيِ النَّهَارِ وَ زُلَفًا مِّنَ الَّيۡلِ ؕ اِنَّ الۡحَسَنٰتِ يُذۡهِبۡنَ السَّيِّاٰتِ ؕ ذٰلِكَ ذِكۡرٰى لِلذّٰكِرِيۡنَ ﴿۱۱۴﴾

ترجمو ڪنزالايمان: نماز قائم رکو ڏينهن جي ٻنهي طرفن ۽ ڪجھ رات جي

[1] اميرِ اھلسنت دامت برڪاتھم العاليہ جي ڪتاب ”فيضانِ نماز“ مان ورتل مضمون

حصن ۾، بيشڪ چڱايون براين کي متائي ڇڏينديون آهن. هي نصيحت آهي نصيحت مڃيندڙن جي واسطي.

انهن عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! ڇا اهو خاص حڪم منهنجي لاءِ آهي؟ فرمايائون: ”منهنجي سموري اُمت جي لاءِ“ (بخاری ج۔ ١، ص۔ ١٩٦، حديث ٥٢٦)(بہارشريعت، ج۔ ١، ص۔ ٤٣٥)

## آيت جي تفسير

هن آيتِ سڳوري جي حوالي سان صدرالافاضل حضرت علامہ مولانا محمد نعيم الدين مراد آبادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ ڏينهن جي ٻنهي ڪنارن مان صبح ۽ شام مراد آهي، زوال کان اڳ جو وقت صبح ۾ ۽ بعد جو شام ۾ داخل آهي، صبح جي نماز فجر ۽ شام جي نماز ظهر ۽ عصر آهن، ۽ رات جي حصن جون نمازون مغرب ۽ عشاء آهن.
(خزائن العرفان، ص، ٤٣٧) (تفسير نسفی، ص۔ ٥١٦)

”تفسيرِ صراط الجنان“ جلد 4 صفحو 511 تي انهيءَ آيت جي حوالي سان لکيل آهي: (آيتِ ڪريمہ ۾ بيان ڪيل) نيڪين مان مراد هي ئي پنجن وقتن جون نمازون آهن جيڪي آيت ۾ ذڪر (يعني بيان ٿيون يا هن مان مراد مطلقاً (يعني هر طرح جا) نيڪ ڪم يا هن مان ”سُبْحٰنَ اللهِ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ وَلَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ“ پڙهڻ مراد آهي. (تفسير مدارک، ص۔ ٥١٦)

## ننڍن گناهن جي لاءِ ڪفارو بڻجڻ واريون ڪجھ نيڪيون

هن آيت مان معلوم ٿيو تہ نيڪيون صغيره (يعني ننڍڙن) گناهن جي لاءِ ڪفارو ٿين ٿيون چاهي اهي نيڪيون نماز هجن يا صدقو (۽ خيرات) يا ذڪر ۽ استغفار يا ٻيو ڪجھ (تفسير خازن، ج۔ ٢، ص۔ ٣٤٥) حديثن ۾ ڪوڙ اهڙن عملن جو بيان آهي جيڪي صغيره گناهن جي لاءِ

ڪفارو(مٽجڻ جو سبب) بڻجندا آهن. هتي انهن مان ڪجھ بيان ڪجن ٿا:

## چار فرمانِ مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1) پنج ئي نمازون ۽ جمعو ٻئي جمعي تائين ۽ رمضان ٻئي رمضان تائين هي سڀئي انهن گناهن جي لاءِ ڪفارو آهن جيڪي انهن سان ٿيا هجن جڏهن تہ ماڻهو ڪبيره (يعني وڏن) گناهن کان بچي.

(مسلم، ص۔ ١١٨، حديث ٥٥٢)

(2) جنهن رمضان جو روزو رکيو ۽ ان جي حدود کي سڃاتو ۽ جنهن شيءِ کان بچڻ گهرجي ان کان بچيو تہ جيڪي پهريان ڪري چڪو آهي اُن جو ڪفارو ٿي ويندو.

(شعب الايمان، ج۔ ٣، ص۔ ٣١٠، حديث ٣٦٢٣)

(3) عمري کان عمري تائين انهن گناهن جو ڪفارو آهي جيڪي درميان ۾ ٿيا ۽ مقبول حج جو ثواب جنت ئي آهي.

(بخاری، ج۔ ١، ص۔ ٥٨٦، حديث ١٧٧٣)

(4) جنهن علم تلاش ڪيو تہ اها ڳولها ان جي اڳوڻن گناهن جو ڪفارو ٿيندي.

(ترمذی، ج۔ ۴، ص۔ ٢٩٥، حديث ٢٦٥٧)

## ”ڪفاري“ مان ڇا مراد آهي؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بيان ڪيل چئن ئي حديثن ۾ لفظ ”ڪفارو“ آيو آهي، هتي هن مان مراد: ننڍن گناهن کان معافي ملڻ آهي. بيشڪ نماز نهايت عظيم الشان عبادت آهي، ان جي برڪت سان صرف ۽ صرف بدنصيب ماڻهو ئي محروم رهي سگهن ٿا.

نماز ھڪ طرف گھٽي مان گھٽو ثواب ڪمائڻ جو ذريعو آھي، تہ ٻي طرف ان ڪي ادا ڪرڻ سان صغيره (يعني ننڍن) گناھن جي بخشش ٿي وڃي ٿي.

## حضرت عثمان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وضو ڪري فرمايو

تابعي بزرگ حضرت حارث رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ روايت ڪن ٿا تہ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ھڪ ڏينھن تشريف فرما ٿيا ۽ اسان بہ وينا ھئاسين تہ مؤذن صاحب آيو، حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پاڻي گھرائي وضو ڪيو، پوءِ فرمايائون تہ مون تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اھڙي ئي طرح وضو ڪندي ڏٺو آھي ۽ مون پاڻ ڪريمن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اھو ارشاد فرمائيندي بہ ٻڌو تہ جيڪو شخص مون وانگر وضو ڪري پوءِ اھو ظھر جي نماز پڙھي تہ الله پاڪ ان جي گناھن کي معاف ڪري ڇڏيندو آھي يعني اھي گناھ جيڪي فجر جي نماز ۽ اُن ظھر جي نماز جي وچ ۾ ٿيا ھجن، وري جڏھن عصر جي نماز پڙھندو آھي تہ ظھر ۽ عصر جي وچ جا گناھ معاف فرمائي ڇڏيندو آھي، وري جڏھن مغرب جي نماز پڙھندو آھي تہ عصر ۽ مغرب جي درميان جا گناھ معاف فرمائي ڇڏيندو آھي، پوءِ عشاء جي نماز پڙھندو آھي تہ عشاء ۽ مغرب جي درميان جا گناھ معاف فرمائي ڇڏيندو آھي. ان کانپوءِ ٿي سگھي ٿو تہ سجي رات اھو سمھي گذاري ڇڏي ۽ وري جڏھن اٿي وضو ڪري ۽ فجر جي نماز پڙھي تہ عشاء ۽ فجر جي درميان جيڪي گناھ ٿيا اُھي بخشيا ويندا آھن ۽ ھي ئي اھي نيڪيون آھن جيڪي براين کي دور ڪري ڇڏين ٿيون. (الاحاديث المختاره، ج ۱، ص ۴۵۰، حديث ۳۲۴)

## نماز سان گناهه ڌوپجندا آهن

حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہ عَنۡہُ فرمائن ٿا: رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪڏهن توهان مان ڪنهن جي اڱڻ ۾ نهر هجي، اهو ان مان روزانو پنج دفعا غسل ڪري ته ڇا اُن تي ڪجهه مير رهندي؟ ماڻهن عرض ڪيو: نه سائين. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: "نماز گناهن کي ائين ئي ڌوئي ڇڏي ٿي جيئن پاڻي مير کي ڌوئي ٿو. (ابن ماجه، ج۔ ٢، ص۔ ١٦٥، حديث ١٣٩٧)

## حضرت عيسٰي عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ ميرو پکي (حڪايت)

حضرت عيسٰي روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام هڪ ڀيري سمنڊ جي ڪناري وٽان وڃي رهيا هئا. سندن نگاهه هڪ پکي تي پئي جيڪو سمنڊ جي گپ ۾ لٽڙجي رهيو هو جنهن سبب ان جو بدن ميرو ٿي ويو. پوءِ اهو اتان نڪري سمنڊ ۾ وهنجڻ لڳو جنهن سان اهو وري صاف سٿرو ٿي پيو، اهو ئي عمل اُن پنج ڀيرا ڪيو. حضرت عيسٰي روح الله عَلَيۡهِ السَّلَام کي ان جي ڪم تي ڏاڍو تعجب ٿيو، حضرت جبرئيل (عَلَيۡهِ السَّلَام) پاڻ کي حيران ٿيندي ڏسي چيو: اهو جيڪو اوهان کي ڏيکاريو ويو آهي هي حضرت محمد صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جي نمازين جو مثال ۽ اها گپ انهن جي گناهن جو مثال ۽ سمنڊ ۾ وهنجڻ پنج نمازن جو مثال آهي. (نزهة المجالس، ج۔ ١، ص۔ ١٢٥) يعني جيئن هيءُ گپ ۾ لٽڙيو ۽ وهنجي صاف سٿرو ٿي ويو ائين ئي حضرت محمد مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي امت جا گنهگار انهن پنجن نمازن جي سبب گناهن کان پاڪ ۽ صاف ٿي ويندا.

اي عاشقانِ نماز! اسان ڪيتري قدر خوش قسمت آهيون جو اللّٰه ڪريم اسان تي نماز فرض ڪئي ۽ تمام وڏو ثواب عطا ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو به احسان ڪيو ته هو نماز جي برڪت سان اسان جا گناهه به بخشي ڇڏي ٿو. اللّٰه رب العزت جي هن خزاني مان جيڪو حاصل نه ٿو ڪري اهو ڪيترو نه محروم ۽ بدنصيب آهي. اهو ياد رهي ته نمازن سان جتي جتي گناهه معاف ٿيڻ جو تذڪرو آهي اُن مان مراد صغيره (يعني ننڍا) گناهه آهن، ڪبيره (يعني وڏا) گناهه توبه سان ئي معاف ٿيندا آهن.

پڑھ کر نماز ساتھ لو سامانِ آخرت محشر میں کام آئے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## گناهه ائين ڇڻندا آهن جيئن.......

نمازي ڪيترو نه خوش نصيب آهي جو اهو نماز پڙهندو آهي ان جا گناهه ڏڙا ڏڙ ڇڻڻ شروع ٿي ويندا آهن. جيئن حضرت ابوذر غِفاري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: سرڪارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سردين جي موسم ۾ تشريف وني ويا ۽ (هيءُ اهو موسم هو جنهن ۾) وڻن جا پن ڇڻندا هئا. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ وڻ جون به ٽاريون پڪڙي اُنهن کي لوڏيو، جنهن سان وڻ جا پن ڇڻڻ لڳا. حضورِاڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي ابوذر! مون عرض ڪيو: لبيڪ! يارسول اللّٰه! يعني حاضر آهيان اي اللّٰه جا رسول! ارشاد فرمايائون:"جڏهن ڪو مسلمان اللّٰه پاڪ جي رضا (يعني خوشي) جي لاءِ نماز پڙهندو آهي ان جا گناهه اهڙي طرح ڪِرندا آهن جيئن وڻ جا پن ڇڻن ٿا." (مسند امام احمد بن حنبل، ج۔ ۸، ص۔ ۱۳۳، رقم ۲۱۶۱۲)

## پرائي وڻن جا پن ڇاڻڻ جا مسئلا

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ بيان ڪيل حديثِ پاڪ جي حصي(سردين جي موسم ۾ تشريف وٺي ويا) جي حوالي سان لکن ٿا: مديني پاڪ کان ٻاهر ڪنهن جهنگل ۾ ۽ اها سرءُ جي موسم هئي جنهن ۾ ٽارين کي لوڏڻ سان پن ڇڻين پوندا آهن ۽ هونئن ٻہ پن ڇڻندا رهندا آهن. حديث پاڪ جي هن حصي(وڻ جي ٽارين کي پڪڙي لوڏيو) جي حوالي سان فرمائن ٿا: گهڻو ڪري اهو وڻ ڪو جهنگل ۾ خودبخود پيدا ٿيل هو جنهن جا ميوا ۽ گل ڦل هر واٽهڙو پٽي سگهي ٿو، ۽ ٿي سگهي ٿو تہ اهو وَڻُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پنهنجو هجي يا اهڙي ماڻهو جو هجي جيڪو حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ان عمل سان راضي هجي. نہ تہ ٻئي جي وڻ مان بنا اجازت پن وغيره ڇاڻڻ منع آهي. حديثِ پاڪ جي هن حصي (گناهہ ايئن ڪرندا آهن جيئن وڻ جا پن ڇڻن ٿا) جي حوالي سان آهي: يعني اخلاص واري نماز سرءُ جي موسم جي ان اُس جيان آهي جيڪا پن ڇاڻيندي آهي. (وڌيڪ فرمائن ٿا) هتي (ڪِرڻ يعني معاف ٿيڻ وارن) گناهن مان صغيره (يعني ننڍا) گناهہ مراد آهن.

(مرأة المناجيح، ج۔ ١، ص۔ ٣٦٧)

## نماز کان فارغ ٿيندي ئي گناهہ معاف ٿي ويندا آهن

رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”جنهن وقت مسلمان نماز پڙهندو آهي تہ ان جا گناهہ ان جي مٿي تي رکيا ويندا آهن، جڏهن اهو سجدي ۾ ويندو آهي تہ سمورا گناهہ

معاف ٿي ويندا آهن، نمازي جڏهن نماز کان فارغ ٿيندو آهي ته گناهن کان پاڪ صاف ٿي چڪو هوندو آهي.“
(معجم کبير، ج۔ ٦، ص۔ ٢٥٠، حديث ٦١٢٥)

## ۴ رڪعتون پڙهڻ سان تمام صغيره گناهه معاف

حضرت زيد بن خالد جُهَنّي کان روايت آهي، مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جيڪو ۴ رڪعتون نماز پڙهي ۽ اُن ۾ سهو (يعني ڀل) نه ڪري ته جيڪي ڪجهه هن کان پهريان اُن کان صغيره گناهه ٿيا آهن الله پاڪ معاف فرمائي ڇڏيندو آهي.“
(مسند امام احمد، ج۔ ٨، ص۔ ١٦٢، حديث ٢١٧٤٩)

## جيڪي گناهه ڪيا هئا نماز جي برڪت سان معاف

حضرت ابو ايوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن وضو ڪيو جيئن حڪم آهي، ۽ نماز پڙهي جيئن نماز پڙهڻ جو حڪم آهي، ته جيڪو ڪجهه پهريان ڪيو هئائين معاف ٿي ويو.
(ابن ماجه، ج۔ ٢، ص۔ ١٦٣، حديث ١٣٩٦)

## حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو تذڪرو

اي عاشقانِ صحابه واهلبيت! هاڻي اوهان جيڪا حديث پاڪ ٻڌي ان جا راوي رسولِ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا مشهور صحابي، ميزبانِ رسول حضرت ابو اَيّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهن، پنهنجي پيارن صحابهٔ ڪرام جي باري ۾ رسولِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عظمت نشان آهي: ”منهنجي صحابن

ڪي برو نہ چئو چوتہ جيڪڏھن توھان مان ڪو احد جبل جيترو سون خيرات ڪري تہ منهنجي صحابہ مان ڪنهن هڪ جي نہ مُد تائين پهچي سگهي ٿو ۽ نہ ئي مُد جي اَڌ تائين.“

(بخاری، ج۔ ۲، ص۔ ۵۲۲، حديث ۳٦٧۳)

## شرح حديث

يعني منهنجو صحابي تقريباً سوا سير جَوَ خيرات ڪري ۽ ان کان علاوه ڪو مسلمان چاهي غوث ۽ قطب هجي يا ڪو عام مسلمان جبل جيترو سون خيرات ڪري تہ ان جو سون قربِ الٰهي ۽ قبوليت ۾ صحابي جي سوا سير جي برابر بہ نٿو پهچي سگهي. اهو ئي حال روزي نماز ۽ سموري عبادت جو آهي، جڏھن تہ مسجدِ نبوي جي نماز ٻين جڳهين جي نمازن کان 50 هزار ڀيرا وڌيڪ آهي تہ جن حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو قرب ۽ ديدار ماڻيو انهن جو ڇا پڇڻ ۽ انهن جي عبادتن جو ڇا چوڻ! هن حديث مان معلوم ٿيو تہ اصحابي سڳورن جو تذڪرو هميشہ خير سان ئي ڪرڻ گهرجي، ڪنهن صحابي کي هلڪي لفظ سان ياد نہ ڪريو. هي حضرات اهي آهن جن کي رب پاڪ پنهنجي محبوب جي صحبت جي لاءِ چونڊيو، مهربان پيءُ پنهنجي پٽ کي بُرن جي صحبت ۾ ناهي رهڻ ڏيندو تہ مهربان رب پنهنجي نبي جو بُرن جي صحبت ۾ رهڻ ڪيئن ٿو پسند ڪري. (مراٰۃ المناجيح، ج۔ ۸، ص۔ ۳۳۵) صحابہءِ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنۡهُم جي فضيلت صرف مصطفٰي جانِ رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت ۽ وحي جو زمانو ماڻڻ جي ڪري هئي، جيڪڏھن اسان مان ڪو 1000 سال عمر ماڻي ۽ سڄي عمر الله پاڪ جي فرمانبرداري ڪري ۽

نافرمانيءَ کان بچي بلڪ پنهنجي وقت جو سڀ کان وڌو عبادت گذار بڻجي وڃي تڏهن به ان جي عبادت نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صحبت جي هڪ گهڙيءَ برابر به نٿي ٿي سگهي.
(المفاتيح فی شرح المصابيح، ج۔ ٦، ٢٨٦، تحت الحديث ٣٦٩٩)

## نالوءِ ڪُنْيَت

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! مديني شريف ۾ حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ميزباني جو شرف ماڻڻ وارا سڀ کان پهريان خوشنصيب حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هئا. سندن اصل نالو خالد بن زيد رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هو جڏهن ته ڪنيت ابو ايّوب هئي. هجرت کان اڳ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هٿ تي بيعت ڪرڻ وارن تقريباً 70 خوش نصيبن ۾ حضرت ابو ايّوب رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ به شامل هئا. (طبقات ابن سعد، ج۔ ٣، ص۔ ٣٦٨ - ٣٦٩)

## بيمثال ادبِ مصطفٰي

حضرت ابوايّوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي انداز سان پياري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ بي پناه ادب ۽ احترام ۽ عقيدت ۽ جان نثاري جو مظاهرو ڪندا هاء حضُور نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ سندن سڀ کان پهريان مٿاهين منزل پيش ڪئي پر تاجدارِ مدينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (ملاقاتن جي آساني جو لحاظ ڪندي) هيٺين منزل پسند ڪئي. هڪ ڀيري گهر جي مٿين منزل تي پاڻيءَ جو دلو ٽٽي پيو ته فوراً پنهنجي لحاف سان پاڻي خشڪ ڪري ڇڏيو گهر ۾ هڪ ئي لحاف موجود هو جيڪو هاڻي آلو ٿي چڪو هو پر اهو پسند نه ڪيائون ته پاڻي

وهي هيٺين منزل ۾ هليو وڃي ۽ رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڪجھ تڪليف پهچي. (سيرت ابن هشام، ص۔ ۱۹۹)

## ڪٿي بي ادبي نہ ٿي وڃي

حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ بيان ڪن ٿا تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون وٽ (مهمان ٿي) گھر جي هيٺين منزل ۾ رڪيا ۽ مان مٿين منزل ۾ هيس، منهنجي دل ۾ هڪ رات خيال آيو تہ اسان رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سرِانور مٿان (ڇت تي) هلي رهيا آهيون، اهو خيال ايندي ئي مان هڪ طرف هٽي ڪري سمهي رهيس، پوءِ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي عرض ڪيو. پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”هيٺين منزل ۾ وڌيڪ سهولت آهي.“ حضرت ابو اَيّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ عرض ڪيو: مان ان ڇت تي نٿو رهي سگھان جنهن ڇت جي هيٺان اوهان تشرف فرما هجو. تڏهن آقاءِ دوعالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مٿين منزل ۾ تشريف کڻي ويا. ۽ ابو ايّوب رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ هيٺين منزل ۾ آيا.
(مسلم، ص۔ ۸۷۴، حديث ۵۳۵۸)

## ٿانوَ مان برڪتون وٺندا ها

حضور رحمتِ عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي لاءِ پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کاڌو موڪليندا ۽ جڏهن ٿانوَ واپس ايندا ها تہ پڇندا ها تہ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ آڱريون ڪهڙي جڳھ لڳيون آهن؟ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ پاڪيزه آڱرين لڳل جڳھ وٽان گرھ کڻندا ۽ کاڌو کائيندا هئا. (مسند احمد، ج۔ ۹، ص۔ ۳۵، حديث ۲۳۵۲٦)

## دعاءِ مصطفٰي

حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ هڪ ڀيري سرڪارِ دوعالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مڪانِ عاليشان جو سڄي رات پهرو ڏنو، صبح ٿيو ته دعاءِ مصطفٰي هيئن ملي:”اي الله! تون ابو ايّوب کي پنهنجي حفظ ۽ امان ۾ رک جهڙي طرح ان منهنجي نگهباني ڪندي رات گذاري.“ (سيرت ابن هشام، ص- ۴۴۲)

## اللّٰه! توکان هر ناپسند ڳالھ دور ڪري

حضور سيدِ عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڀيري صفا ۽ مروه جي سعي فرمائي رهيا هئا ته ڏاڙهي مبارڪ تي هڪ پَر ڪِريو، ڏ ابوايّوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ تيزي مان اڳتي وڌيا ۽ ڏاڙهي مبارڪ تان اهو پَر ڪٽي ورتائون. شهنشاهِ مدينه، قرارِ قلب وسينه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دعا ڏني: الله پاڪ توکان هر ناپسند ڳالھ دور ڪري. (معجم ڪبير، ج- ۴، ص- ۱۷۲، حديث ۴۰۴۸)

## وصالِ باڪمال

حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللّٰهُ عَنۡهُ جڏهن مبارڪ زندگي جي آخري ڏينهن ۾ سخت بيمار ٿي پيا ته اسلام جي مجاهدن کي فرمايائون: مون کي ميدانِ جنگ ڪٽي وڃجو ۽ پنهنجي صفن ۾ ليٽائي رکجو، جڏهن منهنجو وصال ٿئي ته منهنجو لاش قلعي جي پٽ جي ويجهو دفن ڪري ڇڏجو. ائين ئي ٿيو سن 51 هجري ۾ جهاد جي دوران ڪين قسطنطنيه جي قلعي جي پٽ جي ويجهو دفنايو ويو. ابتداء ۾ انديشو هو ته نصراني ڪٽي قبر مبارڪ

ڪوٺي نہ ڇڏين پر انهن تي اهڙي هيبت طاري ٿي جو مزاراقدس ڪي هٿ بہ لڳائي نہ سگهيا ۽ يقيناً اهو حضورِ انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ دعا جو اثر هو جو پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ سڄي زندگي مصيبتن ۽ غمن کان محفوظ رهيا. وفات کان پوءِ بہ صدين تائين نصاريٰ سندن قبر جي حفاظت ۽ نگراني ڪندا رهيا ايستائين جو قسطنطنيہ تي مسلمانن فتح جو جهنڊو بلند ڪيو. اڄ بہ ترڪي حڪومت جي زيرِ خدمت سندن مزاراقدس انهيءَ شان ۽ شوڪت سان زائرين جي دلين ۾ راحت ۽ اکين جي ٺڏاڻ جو سامان بڻيل آهي. (ڪرامات صحابہ، ص۔ ٨٢)

## مزارشريف جي برڪت

ڏڪار جي زماني ۾ ماڻهو حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مزار شريف تي حاضر ٿي بارش طلب ڪندا ها تہ الله پاڪ سندن طفيل مينهن وسائيندو هو. (طبقات ابن سعد، ج۔ ٣، ص۔ ٣٧٠) اللّٰهُ رَبُّ الْعِزّت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

ابوایوب کا صدقہ الٰہی! مغفرت فرما ہمیں دونوں جہانوں کی عنایت عافیت فرما

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اخلاص سان ٻہ رڪعتون پڙهڻ وارو جهنم مان آزاد

سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: جيڪو تنهائيءَ ۾ ٻہ رڪعتون نماز پڙهي جو الله پاڪ ۽ ان جي ملائڪن کان سواءِ

ڪوبہ نہ ڏسي ان جي لاءِ جهنم کان آزادي لکي ويندي آهي.
(ڪنز العمال، ج۔ ۴، ص۔ ۱۲۵، حديث ۱۹۰۱۵)

## نيڪيون لڪائڻ جا فضائل

### چار فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اي عاشقانِ نماز! ڀانهي کي گهرجي تہ اهو جيتري قدر ٿي سگهي پنهنجون نيڪيون لڪائي. پنهنجي نفل روزي، نماز، حج ۽ عمري، صدقي ۽ خيرات، ديني خدمتن وغيره کي بنا ڪنهن سبب جي مشهور نہ ڪرڻ گهرجي. 4 فرمانِ مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) انسان جو اهڙي جڳهہ نفل پڙهڻ جتي ماڻهو ان کي نہ ڏسندا هجن، ماڻهن جي سامهون ادا ڪئي ويندڙ 25 نمازن جي برابر آهي. (ڪنزالعمال جلد۳ ص۱۲) (2) لڪائي ڏنو ويندڙ صدقو رب جي غضب کي وِسائيندو آهي. (معجم ڪبير جلد۱۹ص۴۲۱،حديث:۱۰۱۸) (3) لڪي ڪيو ويندڙ عمل اعلانيہ عمل کان 70 ڀيرا افضل آهي. (الفردوس بماثورالخطاب جلد۳ ص۱۲۹، حديث: ۴۳۴۸) (4) لڪي ڪيو ويندڙ عمل اعلانيہ عمل کان افضل آهي.

(الفردوس بماثورالخطاب جلد ۳ ص۳۴۷، حديث: ۳۵۴۲)

بنادے مجھ کو الٰہی خلوص کا پیکر — قریب آئے نہ میرے کبھی ریا یارب

(وسائل بخشش (مرمم) ص۔ ۷۸)

### حج ڪرڻ واري مُحرِم جهڙو ثواب

حضرت ابواُمامہ رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جيڪو طهارت (وضو يا

غسل) ڪري پنهنجي گهران فرض نماز جي لاءِ نڪتو ان جو اجر ائين آهي جيئن حج ڪرڻ واري مُحْرِم(يعني احرام ٻڌڻ واري) جو ۽ جيڪو چاشت جي لاءِ نڪتو ان جو اجر عمرو ڪرڻ واري جي مثل آهي ۽ هڪ نماز کان ٻئي نماز تائين جو ٻنهي جي درميان فضول گفتگو نه هجي، علّيين ۾ لکي ويندي آهي (يعني قبوليت جي درجي تي پهچندي آهي).

(ابوداؤد جلد1ص231،حديث:557)

## مولٰي جو دروازو ڪڙڪائڻ

صحابي ابن صحابي حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي، تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: انسان نماز جي دوران ڄڻ بادشاه جو دروازو ڪڙڪائي رهيو هوندو آهي ۽ جيڪو شخص هميشه ڪنهن بادشاه جو دروازو ڪڙڪائيندو رهندو آهي ته اهو ڪڏهن نه ڪڏهن ضرور کُلندو ئي آهي. (الفردوس بماثورالخطاب جلد 1 ص201،حديث:760)

## مون کي غسل جي خبرئي نه هئي

اي عاشقانِ رسول! دل لڳي يا نه لڳي خوب نمازون پڙهو، اِنْ شَآءَاللّٰه هڪ نه هڪ ڏينهن اسان جون نمازون خشوع ۽ خضوع جي نور سان آباد ٿي ئي وينديون. اچو هڪ ”مدني بهار“ ٻڌون ٿا: قول نگر (پتوڪي، پنجاب) جو هڪ نوجوان اسلامي ڀاءُ دعوت اسلامي سان وابسته ٿيڻ کان اڳ ۾ نمازون ڇڏڻ، ماءُ پيءُ جي نافرماني ڪرڻ ۽ فلمون ڊراما ڏسڻ جو عادي هو، سندن چوڻ آهي ته ”مونکي غسل جي خبر ئي نه

هئي حالانڪ منهنجي عمر 16 سال ٿي چڪي هئي.“ ان تي الله پاڪ جو ڪرم هن طرح ٿيو جو سندس محلي جي اسلامي ڀاءُ ان کي رمضان شريف جي آخري عشري جو اعتڪاف عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ ڪرڻ جي ترغيب ڏياري، مدني مرڪز فيضانِ مدينہ انور ٽائون قول نگر ۾ اعتڪاف ڪرڻ پهتو تہ اُتي جو ماحول ان کي ڏاڍو وڻيو ۽ ان غسل ڪرڻ جو طريقو ۽ ٻيا شرعي مسئلا بہ سکيا ۽ گناهن کان توبہ ڪري ورتي. دعوتِ اسلامي جو ديني ڪم ڪندي ڪندي ان کي حلقي تحت مدني قافلي جو ذميدار بڻجڻ جي سعادت بہ ملي.

بھائی گر چاہتے ہو نمازیں پڑھوں — مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف
نیکیوں میں تمنا ہے آگے بڑھوں — مدنی ماحول میں کر لو تم اعتکاف

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ستر هزار ملائڪ پويان نماز پڙهن ٿا

حضرت خالد بن مَعدان رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ٻڌو آهي تہ الله پاڪ ٽن ماڻهن جي باري ۾ ملائڪن جي سامهون فخر ڪندو آهي: (1) هڪ اهو ماڻهو جيڪو ريگستان ۾ اَذان ۽ اقامت چئي ڪري اڪيلو نماز پڙهي ٿو، الله پاڪ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي کي ڏسو! جيڪو اڪيلو نماز پڙهي رهيو آهي، مون کانسواءِ ان کي ڪوبہ نٿو ڏسي، وڃو! ستر هزار ملائڪ ان جي پٺيان نماز پڙهو. (2) ٻيو ان ماڻهوءَ تي جيڪو رات جو اٿي تنهائي ۾ نماز پڙهي ٿو، سجدي ۾ وڃي ۽ اُنهيءَ حالت ۾ (جيڪڏهن

اتفاق سان) ننڊ اچي وڃي تہ الله پاڪ فرمائيندو آهي: منهنجي ٻانهي کي ڏسو! ان جو روح مون وٽ ۽ جسم منهنجي بارگاهہ ۾ سجدي ۾ آهي (3) ٽئين ان ماڻهوءَ تي جيڪو سخت جنگ ۾ ثابت قدم رهي ايستائين جو شهيد ٿي وڃي. (تنبيہ الغافلين صس290)

## اَذان ڏئي اڪيلو نماز پڙهڻ وارو ڏنار

اي عاشقانِ نماز! هن حديث پاڪ مان ڪو ائين نہ سمجهي تہ اڪيلي نماز پڙهڻ جماعت سان نماز پڙهڻ جي مقابلي ۾ افضل آهي، هرگز ائين ناهي. اها فضيلت تہ اهڙي جهنگل، ريگستان ۽ جبل وغيره جي لاءِ آهي جتي ٻانهو تنها هجي ۽ ڪا اهڙي مسجد بہ نہ هجي جو جنهن ۾ وڃي باجماعت نماز ادا ڪري سگهي، هن جي تائيد ۾"سننِ ابو داؤد" جي هڪ حديث مبارڪ پيش ڪجي ٿي جيئن حضرت عُقْبہ بن عامر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ چون ٿا، تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "توهان جو رب اُن ٻڪرين جي ڏنار کان خوش ٿئي ٿو جيڪو جبل جي چوٽيءَ تي هجي، نماز لاءِ اَذانون ڏئي ۽ نماز پڙهي. الله پاڪ فرمائي ٿو تہ منهنجي هن ٻانهي کي ڏسو! اَذان ڏئي ٿو ۽ نماز قائم ڪري ٿو. ۽ مون کان ڊڄي ٿو، بيشڪ مون پنهنجي ٻانهي کي بخشي ڇڏيو ۽ هن کي جنت ۾ داخل ڪندس." (ابوداؤد جلد 2 ص7،حديث:1203)

**شرح حديث:** حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه "مراٰة" جلداول صفحو 415 تي فرمائن ٿا: معلوم ٿيو تہ پنج وقت نماز جي لاءِ بهرحال اَذان ڏي توڙي جو جهنگل ۾ اڪيلي نماز پڙهي." (صاحبِ مِرقات" فرمايو تہ اَذان جي برڪت سان جنات ۽ ملائڪ بہ ان سان گڏ نماز پڙهندا آهن ۽ ان کي جماعت جو ثواب ملندو آهي. تڪبير ۾ اختلاف آهي پر حق هي آهي تہ تڪبير بہ چوي چوتہ اَذان ۽ تڪبير

۾ نماز جي اطلاع ڪان علاوه ٻيا ڪيئي فائدا آهن. حديث پاڪ جي هن حصي (الله پاڪ فرمائي ٿو) جي حوالي سان لکن ٿا: (حضرت علامہ علي قاري فرمائن ٿا:) (مطلب هي تہ) ملائڪن مان انبياء ۽ اولياء جي روحن سان. (مرقاة جلد2ص260،تحت حديث:660) بلڪ حضور نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان بہ (الله پاڪ فرمائي ٿو). ۽ هن حصي (منهنجي هن ٻانهي کي ڏسو!) جي حوالي سان لکن ٿا: معلوم ٿيو تہ ملائڪن ۽ نبين ۽ ولين جي روحن ۾ اها طاقت آهي جو هڪ جڳهہ رهي ڪري سموري جهان کي ڏسي وٺن تہ پروردگار انهن کي فرمائي ٿو: ”هن جبل ۾ لڪيل ٻانهي کي ڏسو!“

## ستن آسمانن جي ملائڪن جي ڳٽپ جي برابر نيڪيون

حضرت علامہ سيد محمود احمد رضوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ”مسائلِ نماز“ ۾ لکن ٿا: نماز ۾ ستن آسمانن جي ملائڪن جي عبادت آهي، (1) پهرين آسمان جا (ملائڪ) قيام ۾ (يعني بيٺا) آهن، (2) ٻئين آسمان جا ملائڪ رڪوع ۾، (3) ٽئين آسمان جا ملائڪ سجدي ۾، (4) چوٿين آسمان جا ملائڪ قعدي ۾، (5) پنجين آسمان جا ملائڪ تسبيح (يعني پاڪي بيان ڪرڻ) ۾، (6) ڇهين آسمان جا ملائڪ تهليل (يعني لَا اِلٰهَ اِلَّا الله جي ورد) ۾، (7) ستين آسمان جا ملائڪ تمجيد (الله پاڪ جي بزرگي ۽ تعريف بيان ڪرڻ) ۾. جڏهن مؤمن ماڻهو بہ رڪعت نماز ٻڌايل طريقيڪار جي مطابق ادا ڪندو آهي، الله پاڪ فرمائيندو آهي: ”ان جي اعمال نامي ۾ ستن آسمانن جي ملائڪن جيتريون نيڪيون لکو.“ امام نَجمُ الدّين عُمر نَسفِي ”خصائل“ ۾ فرمائن ٿا تہ زمينن جو بہ ان تي اندازو لڳائڻ

گهرجي، وڻ ۾ مينار ۾ جبل قيام ۾ آهن ۽ چوپايا رڪوع ۾ ۽ حشرات الارض (يعني زمين مان نڪرندڙ جيت جڙيا) سجدي ۾، ۽ پتيون ۽ مٽي جا ذرا ۽ سڪل گاهه ۽ واري وغيره قعدي ۾. قرآن ڪريم جي آيت اِنهيءَ تي دليل آهي:

وَاِنۡ مِّنۡ شَیۡءٍ اِلَّا یُسَبِّحُ بِحَمۡدِہٖ وَ لٰکِنۡ لَّا تَفۡقَهُوۡنَ تَسۡبِیۡحَهُمۡ ؕ

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ ڪا به شيءِ نه آهي، جيڪا ان کي ساراهيندي ان جي پاڪائي بيان نه ڪري، پر توهان انهن جي تسبيح نه ٿا سمجهو.

(مسائلِ نماز، ص62)

پڑھتے رہو نماز خدا ہی کے واسطے!
کیسی فضیلتیں ہیں نمازی کے واسطے!

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

اي اسان جا پيارا پيارا الله پاڪ! اسان کي حقيقي طور ظاهري ۽ باطني آداب سان نماز پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

سب عطر و پھول ہوں گے نچھاور پسینے پر
خوشبو میں جب بسائے گی اے بھائیو! نماز

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# هر عبادت کان افضل عبادت نماز

ہر عبادت سے بَرتر عبادت نَماز — ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز — ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نماز
نارِ دوزخ سے بے شک بچائے گی یہ — رب سے دلوائے گی تم کو جنّت نَماز
پیارے آقا کی آنکھوں کی ٹھنڈک ہے یہ — قلبِ شاہِ مدینہ کی راحت نماز
بھائیو! گر خُدا کی رِضا چاہیے — آپ پڑھتے رہیں باجماعت نماز
آؤ مسجِد میں جُھک جاؤ رب کے حُضُور — تم کو دلوائے گی حق سے رِفعَت نَماز
اے غریبو! نہ گھبراؤ سجدے کرو — دے گی برکت، مٹائے گی غُربَت نماز
صبر سے اور نَمازوں سے چاہو مدد — پوری کروائے ہر ایک حاجت نماز
خوب نفلوں کے سجدوں میں مانگو دعا — پوری کروائے گی رب سے حاجت نَماز
کیوں نَمازی جہنّم میں جائے بھلا! — اس کو دِلوائے گی باغِ جنّت نَماز
جو مسلمان پانچوں نَمازیں پڑھیں — لے چلے گی انہیں سوئے جنّت نماز
ہوگی دنیا خراب آخرت بھی خراب — بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نَماز
بے نَمازی جہنّم کا حقدار ہے — بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نَماز
قبر میں سانپ بچھو لپٹ جائیں گے — بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نَماز
سہہ سکو گے نہ دوزخ کا ہرگز عذاب — بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نَماز
دیکھو! اللہ ناراض ہو جائے گا — بھائیو! تم کبھی چھوڑنا مت نَماز
یاخُدا تجھ سے عطّار کی ہے دُعا — مصطفٰے کی پڑھے پیاری اُمّت نَماز

(وسائلِ فردوس، ص 22-23)

## باجماعت نماز کان بعد
## حاجت جي دُعا قبول آهي

رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ٻانهو جماعت سان نماز پڙهي پوءِ الله پاڪ کان پنهنجي حاجت (يعني ضرورت) جو سوال ڪري ته الله پاڪ هن ڳالهه کان حياء فرمائيندو آهي ته ٻانهو حاجت پوري ٿيڻ کان پهريان واپس موٽي وڃي.

(حلية الاولياء، جلد۷ ص۲۹۹، حديث:۱۰۵۹۱)


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net